## عمامو شريف ٻڌڻ جا فائدا

۞ عمامو مسلمانن جو تاج آهي ۞ عمامو پائڻ سان حلم (برداشت جي طاقت) ۾ اضافو ٿئي ٿو ۞ عمامو حسن ۽ جمال ۾ اضافو ڪري ٿو ۞ عمامي ۾ عزت ۽ وقار آهي ۞ عمامو پائي 2 رڪعتون پڙهڻ بغير عمامي جي 70 رڪعتن کان افضل آهي ۞ جيڪو جمعي جي ڏينهن عمامو ٻڌي، اللّٰه تعاليٰ ان تي رحمت نازل فرمائي ٿو ۽ فرشتا ان لاءِ بخشش جي دعا ڪندا آهن. ۞ عمامو شريف ٻڌڻ سان وارن تي سردي، گرمي ۽ اس وغيره اثرانداز ناهي ٿيندي ۞ طبي تحقيق مطابق مٿي جي سور (Headache) لاءِ عمامو شريف پائڻ فائديمند آهي ۞ عمامي شريف سان دماغ (Brain)کي طاقت ملي ٿي ۽ حافظو مضبوط ٿئي ٿو ۞ عمامو شريف ٻڌڻ سان دائمي نزلو نٿو ٿئي يا جيڪڏهن ٿئي به ٿو ته ان جا اثر گهٽ ٿين ٿا ۞ عمامي شريف جو شملو جسم جي هيٺين حصي جي فالج کان بچائي ٿو ڇو ته شملو حرام مغز کي موسمي اثرن جهڙوڪ سردي، گرمي وغيره کان تحفظ فراهم ڪري ٿو ۞ شملو سرسام جي مرض جي خطرن کي گهٽائي ٿو. دماغ (Brain) جي ورم (يعني سوڄ) کي سرسام چيو ويندو آهي.[1]

## عمامو شريف نه ٻڌڻ جا نقصان

۞ عمامو شريف نه ٻڌڻ ڪيترن ئي فضيلتن کان محروميءَ جو سبب آهي ۞ اگهاڙي مٿي رهڻ سان سردي، گرمي ۽ اس وارن ۽ دماغ تي اثر انداز ٿيندي آهي، جنهن سان صحت کي نقصان پهچي سگهي ٿو.[2] ۞

## عمامو شريف ٻڌڻ جي عادت ٺاهڻ جا طريقا

۞ عمامو ٻڌڻ جي فضيلتن کي ذهن ۾ رکو ۞ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي محبت وڌايو ۞ فيشن پرستي ڇڏيو ۽ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جون سنتون اپنائڻ جو ذهن ٺاهيو ۞ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان

1 550 سنتیں اور آداب: 56
2 550 سنتیں اور آداب: 56۔

